**ڊاڪٽر منظور علي ويسرو**
ليڪچرار، قائد اعظم يونيورسٽي، اسلام آباد

# ادب، تاريخ ۽ ادبي تاريخ

# LITERATURE, HISTORY AND LITERARY HISTORY

## Abstract

Literature is a word which used to tell about written or spoken material. Literature is a huge subject which relates directly with the beauty of universe and opinions or feelings of people. The literature has been described as a reproduction of the life which implies that the literature is a written record of human being's happiness, suffering, passion, hatred, cruelty and to mentation etc or it is said that the literature is a true picture of the society. While the history is the record of the past and the history of literature is the historical development or record of writings in prose or poetry which attempts to provide entertainment, enlightenment to the reader as well as the development of the literary techniques used in the communication of these pieces. In this paper, I have discussed literature, history, literary history and the difference between history and the literary history.

ادب، نظم هجي يا نثر ڪنهن بہ ملڪ ۽ قوم جي قلبي ۽ ذهني جذبن، احساسن، امنگن، خيالن ۽ لاڙن جو آئينو هوندو آهي. ادب روح جو آواز آهي جيڪو روان دوان زندگيءَ کي ڏسي پيدا ٿيندوآهي. ادب جو بنيادي مقصد ۽ ڪم اسان جي موجوده معلومات ۽ ڄاڻ ۾ نہ رڳو اضاضو ڪرڻ آهي بلڪہ ان سان گڏو گڏ دلي سڪون ۽ تفريح پڻ مهيا ڪرڻ آهي. سنڌ جي ڏاهي علامہ آءِ آءِ قاضي لفظ "ادب" جي معنیٰ متعلق پنهنجو خيال هن ريت بيان ڪيو آهي:

> "لغت جي لحاظ سان لفظ "ادب" جي معنیٰ آهي "ريڙهيون ڏيندڙ ٻار کي پنڌ سيکارڻ" يا پنهنجي سنڌي اصطلاح موجب، ڄڻ، "اٺگهڙيل ڪاٺ کي رندو هڻي سڌو ڪرڻ". انهي مقصد سان ئي اسان جي معاشري ۾ استاد مقرر ٿيندا هئا جن کي "ادب" سڏيو ويندو هو، ڇاڪاڻ تہ تعليم سان گڏ ٻار جي "تاديب" بہ سندن ذمي

> هئي. ٻئي ڪنهن موقعي تي آءُ اهو پڻ واضح ڪري چڪو آهيان تہ "علم ادب" جي صحيح معنيٰ آهي، "اها تحرير جا ادب، لطافت طبع، زيب ۽ زينت واري عمل ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن خوبين جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري". (1)

علامہ آءِ آءِ قاضي مطابق ادب نہ صرف تفريح جو ذريعو آهي بلڪ ان سان گڏو گڏ معاشري جي اصلاح ۽ معاشري ۾ جيڪو بگاڙ ۽ ناهمواريون ٿين ٿيون ان طرف پڻ توجهہ ڇڪائي ٿو ۽ اصلاح جي واٽ ڏسي ٿو. ان ڏس ۾ جيڪي حساس اديب ۽ شاعر آهن اهي نہ فقط انهن کي محسوس ڪن ٿا بلڪ انهن کان با خبر رکن ٿا ۽ انهن جي حل لاءِ پنهنجي تحريرن ۾ زور پڻ ڏين ٿا.

ادب ڇا آهي؟ جنهن جي باري ۾ اڄ تائين دنيا جي ڪيترن ئي ڏاهن، دانشورن، نقادن ۽ عالمن پنهنجي پنهنجي علم ۽ سمجهہ مطابق جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر اڃا تائين ادب جي ڪا حتمي يا جامع تعريف ڪير بہ نہ ڪري سگهيو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن هڪ وصف تي سڀ اتفاق ڪن ٿا جو چئي سگهجي تہ ادب جي واضح ۽ جامع تعريف هيءَ آهي. تنهن هوندي بہ مختلف عالمن جا ادب جي باري ۾ رايا هن ريت آهن. ادب جي باري ۾ سڀ کان پهرين يوناني فلاسافر افلاطون(Plato) پنهنجو رايو هن طرح پيش ڪيو تہ:

> "ادب آهي ئي اهو جنهن ۾ خلق ۽ اخلاق توڙي سچائي ۽ صداقت جي نشو و نما ٿئي". (2)

ڊاڪٽر سيد عبدالله ادب جي باري ۾ مختلف عالمن، اديبن ۽ نقادن جي وصفن جو جائزو وٺي، ادب جي جامع وصف هن ريت بيان ڪئي آهي:

> ترجمو "ادب اهو لطيف فن آهي جنهن جي ذريعي اديب پنهنجي جذبن ۽ سوچن کي پنهنجي خاص نفسياتي ۽ شخصي خوبين جي مطابق نہ فقط ظاهر ڪري ٿو بلڪ لفظن جي ذريعي زندگيءَ جي داخلي ۽ خارجي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ انهن جي ترجماني ۽ تنقيد بہ ڪري ٿو ۽ پنهنجي تخليق ۽ خارجي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ انهن جي ترجماني ۽ تنقيد بہ ڪري ٿو ۽ پنهنجي تخليق ۽ مشاهدي جي قوت کان ڪم وٺندي اظهار ۽ بيان جا اهڙا موثر پيرايا اختيار ڪري ٿو جنهن سان پڙهندڙ جو جذبو ۽ تخيل پڻ ساڳيءَ نموني متاثر ٿئي ٿو جهڙيءَ طرح خود اديب جو پنهنجو تخيل ۽ جذبو متاثر ٿيو." (3)

محمد صديق ميمڻ ادب جي وصف هن ريت بيان ڪئي آهي:

> "ڪنهن بہ ملڪ جي ٻوليءَ ۾ گذريل زماني يا هلندڙ زماني

> جي علم وارن ماڻهن جا جيڪي خيال نظم ۽ نثر ۾ ڪتابن ۾ لکيل هجن، تن لکتن کي چئجي ان ٻولي جو علم ادب يا لٽريچر (Literature) يا ساهتيہ. " (4)

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو مختلف عالمن ۽ دانشورن جي راين کان پوءِ ادب کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

> "ادب ان جاڻ کي چئجي ٿو جنهن جي حاصلات سان انسان جي سوچ ۽ فڪر ۾ بلندي پيدا ٿئي ان مان ڪيس روحاني تسڪين ۽ چين حاصل ٿئي. " (5)

عالمن جي مٿين راين کان پوءِ ادب کي هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو تہ ادب ۽ زندگيءَ جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي انسان سان زندگيءَ ۾ جيڪو ڪجهہ وهي واپري ٿو ان کي هو لفظن جو روپ ڏئي پيش ڪري ٿو جنهن ۾ نہ رڳو زندگي گذارڻ جو ڍنگ، معلومات ۽ جاڻ موجود هوندي آهي بلڪہ ان سان گڏو گڏ خوشي ۽ فرحت جو سامان بہ موجود هوندو آهي. ان کان علاوه ادب جي وسيلي ڪنهن خطي، قوم جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي، رسم و رواج، اعتقاد وغيره بابت پڻ معلومات ملي ٿي جيڪا ٻين علمن مان شايد ئي حاصل ڪري سگهجي. ان ڪري ئي ادب کي سماج جو آئينو بہ چئجي ٿو.

## تاريخ

تاريخ عربي ٻوليءَ جو لفظ اهي جنهن جو لغوي مطلب آهي ڪنهن واقعي، حادثي يا تحرير جو ڏينهن مقرر ڪرڻ ۽ اصطلاح ۾ تاريخ ماضي جي حالتن، واقعن ۽ حادثن جي بيان کي چئبو آهي.

ڊاڪٽر مبارڪ علي لفظ "تاريخ" جي مادي ۽ ان جي مفهوم کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

> ترجمو: "تاريخ جو مادو "ورخ" ۽ ان جو مطلب مهيني جو تعين ڪرڻ آهي. تاريخ جو لفظ نہ تہ قرآن ۾ استعمال ٿيو آهي ۽ نہ ئي حديث ۾. ماضي جا واقعا بيان ڪرڻ جي معنیٰ ۾ هي اصطلاح 9 صدي عيسوي ۾ استعمال ٿيو نہ تہ ان کان پهرين ان جو مطلب چنڊ جو مهينو هو ۽ ان تعلق سان تاريخ (Date) ۽ زمانو (عصر) Era جون معنائون بڻيو چو تہ ڏينهن ۽ مهيني کي ڪاغذن ۾ بطور تاريخ (Date) لکيو ويندو هو. ان کان پوءِ سال جي اهم واقعن کي ڏينهن ۽ مهيني ۾ لکيو ويو ان ڪري تاريخ جو مفهوم اهو ٿيو تہ ڪنهن واقعي جي زماني جو تعين ڪري، واقعي جي تاريخ (Date) ۽

زماني (Era) ۽ ٻڌائي ۽ واقعن کي ترتيب Chronology جي ترتيب سان بيان ڪري. "(6)

"اردو دائره معارف اسلاميه" ۾ لفظ "تاريخ" جي وضاحت هن ريت ڪيل آهي:

ترجمو: "لفظ "تاريخ" و-ر-خ مادي مان نڪتل آهي جيڪو سامي ٻولين ۾ مشترڪ آهي. مثال عبراني ٻولي جي لفظ يا – ري- اخ معنيٰ چنڊ ۽ "ييرح" معنيٰ "مهينو" ۾ اهو ئي مادو موجود آهي. ان مشابهت جي بنياد تي قياس ڪجي ته تاريخ جي معنيٰ ٿيندي "مهيني جو تعين ڪرڻ". تنهنڪري هڪ طرف ته تاريخ جي معنيٰ آهي ڪنهن واقعي جو زمان معين ڪرڻ ۽ واقعن جي روداد ۽ ٻئي طرف واقعن جي وقت (Date)، زماني (Era) ۽ زماني جي ترتيب جو تعين (Choronology) ڪرڻ. (7)

## تاريخ جي وصف:

تاريخ انساني معلومات جو اهم ذريعو آهي. جيڪڏهن تاريخ جا ڪتاب نه هجن ها ته مستقبل جو انسان ماضيءَ جي انسان کان ڪيئن با خبر رهي ها. ان کان سواءِ ماضيءَ ۾ جيڪي به تلخ ۽ انساني سياءَ جي خلاف ڳالهيون ٿي گذريون آهن انهن کان با خبر رهي انهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ جيڪي ڪاميابي ۽ ڪامراني جا واقعا آهن انهن مان سبق پرائي انهن جي پيروي ڪري ٿو. تاريخ جي علم جي اهميت ۽ افاديت کي ڏسندي مختلف عالمن ۽ مفڪرن تاريخ جي وصف کي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته تاريخ هڪ سائنس آهي. سندن خيال آهي ته جهڙي ريت سائنس اهڙين حقيقتن جو ميڙ آهي، جن جي مدد سان ڪي عام فهم اصول يا قانون ترتيب ڏنا وڃن ٿا. اهڙا قانون ۽ اصول جيڪي هر دور ۾ لاڳو رهن ٿا ۽ ڪڏهن به تبديل نه ٿا ٿين، جن کي پنهنجي ذاتي ۽ اجتماعي مفادن لاءِ ڪير به مٽائي نه سگهي. جهڙي ريت زميني ڇڪ (Gravity) جو معاملو آهي، زمين پنهنجي محور ڏانهن هر شيءَ کي پنهنجي قوت ذريعي ڇڪي ٿي. اهو اصول هر جاءِ تي ۽ هر دور ۾ ائين ئي لاڳو رهندو، ڪو به ان کي تبديل ڪري نٿو سگهي. ساڳيءَ طرح تاريخ به سائنس آهي، بقول مختيار ملاح:

"تاريخ به هڪ اهڙو علم آهي، جنهن ۾ پيش آيل واقعن جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ، انهيءَ دور (جنهن جي تاريخ هجي) جي ماحول، عوامي نفسيات ۽ فلسفي تي غور ڪرڻ سان اسان کي لازمي طور تي ڪو سبق حاصل ٿيندو. اهو به جڻ هڪ سائنسي علم ٿي پيو". (8)

محمد الياس رضوي پنهنجي ڪتاب "تاريخ جي تعليم جا اصول" ۾

مختلف عالمن ۽ تاريخدانن جي تاريخ بابت راين کان پوءِ "تاريخ" جي وصف ڪي هن ريت بيان ڪيو آهي:

"ايتري بحث مباحثي کان پوءِ اسان غالبا آسانيءَ سان سمجهي وينداسون تہ تاريخ جي وصف ڇا آهي؟ تاريخ مبصرانہ، مفڪرانہ ۽ تنقيدانہ نظر سان بني نوع انسان جي گذريل زندگيءَ جي حالات ۽ واقعات جي مطالعي ڪرڻ جو ٻيو نالو آهي. هي مطالعو ڪنهن خاص ملڪ، قوم يا ڪنهن خاص علائقي يا دور يا عهد تائين محدود ٿي نٿو سگهي. بلڪ هيءُ مطالعو ان وقت کان وٺي شروع ٿئي ٿو جڏهن ڏاڏي آدم عليہ السلام هن ڌرتيءَ تي اچي قدم رکيا ۽ ڏاڏي حوا سان گڏجي سماج جو بنياد وڌو". (9)

وري اڳتي مختصر لفظن ۾ تاريخ جي وصف هيئن بيان ڪئي اٿس:

"ٿورن لفظن ۾ تاريخ جو علم هن ڌرتيءَ تي انساني ارتقا جي مطالعي ڪرڻ جو نالو آهي." (10)

عالمن جي مٿين راين کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ تاريخ جو علم انساني رهڻي ڪهڻي ۽ تهذيب و تمدن جي ارتقا جو تذڪرو آهي. تاريخ کي ساهميءَ سان بہ مشابهت ڏئي سگهجي ٿي. جنهن ۾ انسان پنهنجي ماضيءَ کي توري سگهي ٿو ۽ ان کي پرکي پنهنجي خوبين ۽ خامين تي نظر رکي پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي معاشري کي بهتر ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو. ابن خلدون جنهن کي تاريخ جو ابو سڏيو وڃي ٿو، تاريخ کي هيئن بيان ڪري ٿو:

ترجمو "تاريخ ئي اسان جي سامهون دنيا جو حال رکي ٿي تہ ڪهڙي ڪهڙي طريقي سان ماڻهن کي نازڪ دورن مان گذرڻو پيو، انهن تي ڪهڙا ڪهڙا نازڪ وقت آيا ۽ حڪومتن جا دامن ۽ ميدان ڪهڙي ڪهڙي نموني وسيع ٿيا ۽ گهٽيا ۽ انهن ڪهڙي ڪهڙي محنت سان دنيا وسائي، جيستوڻيڪ انهن جي ڪوچ ڪرڻ جو نقارو وڄي ويو ۽ انهن کي دنيا مان پنهنجو بسترو ٻڌڻو پيو". (11)

تاريخ متعلق عالمن ۽ مفڪرن جي وضاحتن کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ تاريخ ماضيءَ جو هڪ اهڙو داستان آهي جنهن ۾ گذريل دورن ۾ انسانن جي ڪاميابين، ناڪامين، ڏاڍاين ۽ ظلمن، قومن جي عروج ۽ زوال کي بيان ڪيو ويو آهي. تاريخ جيئن تہ ماضيءَ جي ڪيل وارداتن جو تحريري رڪارڊ آهي ان مان مثبت پهلو اهو نڪري سگهي ٿو تہ انسان پراڻي ڪيل خطائن ۽ غلطين مان سکي، انهن جي ورجائڻ کان پاسو ڪري ۽ پراڻن چڱن ڪارنامن کي ورجائي پنهنجي

مستقبل کي بهتر بنائي، پُرامن ۽ سڪون واري زندگي گذاري سگهي ٿو.

### تاريخ جو دائرو

تاريخ هڪ اهڙو مضمون آهي جڏهن ان جو ذڪر ٿئي ٿو تہ لڙائي، جنگ، ڦرلٽ ۽ تباهي قتل و غارت، حڪومت جي اٿل پٿل سياسي چالبازين ۽ قومن جي عروج ۽ زوال جا واقعا ذهن تي تري ايندا آهن ان ڪري ئي تاريخ جي عظيم مفڪر ابن خلدون چيو هو تہ:

> ترجمو: ”تاريخ جي اها حقيقت آهي تہ اها انساني رهڻي ڪهڻي (دنيا جي آبادي) جي خبر ڏئي ٿي ۽ انهن حالتن جي بہ جيڪي ان آباديءَ کي طبعي طور پيش اينديون آهن. جيئن هڪبئي جي وچ ۾ ٽڪراءُ ۽ جهيڙو جهٽو، هڪبئي سان ميل ميلاپ، حڪومتن جا مرتبا ۽ درجا، خانداني وقار ۽ رعايت ۽ مخلتف قسمن جا قهر قبضا ۽ انهن نتيجن جي بہ جيڪي انهن مان پيدا ٿين ٿا جيئن ملڪن جو فتح ٿيڻ، حڪومت جو ظهور، حڪومت جا درجا ۽ انهن طريقن جي بہ، جيڪي انسان پنهنجي عملن سان اختيار ڪندو آهي. جيئن روزگار جا قسم، علم ۽ فن، صنعت ۽ حرفت ۽ انهن سڀني حالتن جي بہ، جيڪي دنيا جي آبادي جي ڪري طبعي طور تي پيدا ٿينديون آهن.“ (12)

تاريخ جي ان حقيقت کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ تاريخ ماضيءَ ۾ ٿيل حقيقتن جو رڪارڊ آهي. ماضيءَ ۾ ٿيل واقعن ۽ حادثن جو ڪليل دفتر آهي. بقول ڊاڪٽر روي پرڪاش:

> ”اتهاس يا تاريخ جو سبنڌ ماضيءَ جي دور سان آهي. هن ۾ لکيل يا واتين – ويٺين ٻڌل سچين گهٽنائن، واقعن ۽ وارتائن کي شامل ڪيو ويندو آهي. اتهاس جو سبنڌ گذري ويل مشهور واقعن، سماجي، سياسي، اقتصادي، جاگرافيائي تبديلين سان ئي نہ، بلڪ انهيءَ هر هڪ عام يا غير مشهور گهٽنا سان آهي، جيڪا حقيقت ۾ ٿي گذري آهي.“ (13)

ڪنهن بہ تاريخ ۾ جيڪڏهن رڳو تاريخون ۽ سن ڄاڻائي، اڳاڻن حاڪمن جا پيڙهيءَ بہ پيڙهيءَ احوال ڏيا ۽ سندن جنگين جو ذڪر ڪبو تہ اها ڪا تاريخ نہ چئبي. اهڙيون حقيقتون تاريخ جو رڳو بوتو (Statue) بنائين ٿيون. انهيءَ بوتي ۾ روح تڏهن پوي ٿو جڏهن ان وقت جي ماڻهن جي روز مرهہ جي جيوت جو ذڪر ڪجي ٿو. سندن اٿڻي ويهڻي، دين ڌرم، کاڌ خوراڪ، لباس پوشاڪ ۽ سندن سوچ ويچار کي پڙ

بيان ڪجي ٿو. صحيح ۽ سچي پچي تاريخ ڪهڙي ٿيندي آهي، ان حوالي سان پيرو مل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو تہ:

> ”سچي پچي تاريخ آهي ئي اها، جنهن مان آڳاٽن ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، خيالن ۽ جذبن، ريتن رسمن، ڌرم ڪرم ۽ ساهت جي سُڌِ پوي ٿي. انهيءَ منجهان ئي پوريءَ ريت پتو پوي ٿو تہ تهذيب يا سڀيتا جي شروعات ڪيئن ٿي، وقت بوقت ان جي ترقي ڪيئن ٿي ۽ هن وقت جيڪي ريتون رسمون ۽ ڌرمي ڳالهيون آهن، تن جو بنياد ڪيئن پيو. هڪواريءَ اها سربستي سُڌِ پوندي، تہ پوءِ اهو سمجهڻ سولو ٿيندو تہ آڳاٽن ماڻهن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون هيون، جن کان اسان کي پاسو ڪرڻ گهرجي. قديم زماني جي تاريخ پڙهڻ جي هڪ مکيہ مراد آهي ئي اها تہ آڳاٽن ماڻهن جي آزمودي جو فائدو وٺي، اسين پنهنجي لاءِ اهڙي واٽ گهڙيون، جو اڳين کان اڳرا ٿيون ۽ پنهنجن پوين لاءِ بہ مثال ٿيون. اهڙين حقيقتن ڏيڻ ڪري نہ رڳو تاريخ جو مضمون پاڻمرادو سلوڻو ۽ سوادي ٿئي ٿو پر نهايت نصيحت آميز ۽ ڪارائتو بہ ٿئي ٿو.“ (14)

مطلب تہ تاريخ جو دائرو وسيع آهي جنهن ۾ نہ رڳو ماضي ۾ ٿيندڙ واقعن ۽ حادثن جو ذڪر هوندو آهي بلڪ تهذيب، تمدن، رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي، خيالن، ويچارن، هنر، حرفت، مذهب، ريتن رسمن وغيره يعني تہ زندگيءَ سان تعلق رکندڙ سڀني شين ۽ رخن جو پتو ان مان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

## ادبي تاريخ

ادبي تاريخ بہ تاريخ جو هڪ قسم آهي. ڪن حوالن سان تہ ادبي تاريخ، معياري تاريخ کان بہ گهڻي موثر ۽ اهميت واري هوندي آهي ڇاڪاڻ تہ تاريخ حڪمرانن ۽ بادشاهن جي مرضي مطابق لکي ويندي آهي جنهن ۾ رڳو بادشاهن ۽ حڪمرانن جي تعريف ۽ انهن جي ڪارنامن جو ذڪر هوندو آهي. جڏهن تہ ادبي تاريخ اديبن ۽ شاعرن جي تخليق کي سهيڙڻ جو نالو آهي. اديب ۽ شاعر پنهنجي سماج ۽ پنهنجي دور جا حقيقي ترجمان ۽ گواهہ هوندا آهن. جيڪي ڪجهہ هو پنهنجي سماج ۾ ڏسن ٿا انهن جي سچي تصوير پنهنجن لکڻين ۾ پيش ڪن ٿا. ادبي تاريخ ڇاکي ٿو چئجي؟ ادبي تاريخ جي ڪهڙي وصف (Definition) هئڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ ڪٿي بہ ڪا واضح وصف ناهي بيان ٿيل. پوءِ بہ ڪن عالمن ۽ اديبن طرفان ادبي تاريخ تي ڪجهہ روشني وڌي وئي آهي. ڊاڪٽر روي پرڪاش

ٽيڪچنداڻي، ڀارت جي معروف ادبي شخصيت پنڊت رام چندر شڪل جي حوالي سان ادبي تاريخ کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

”هر هڪ ديش جو ساهت، اتان جي جنتا جي مزاج جو هڪ هنڌ ڪٺو ٿيل عڪس هوندو آهي. ان ڪري اها پڪي ڳالهه آهي ته جنتا جي مزاج ۾ تبديلي اچڻ سان گڏ ادب جي روپ ۾ به بدلاءُ ٿيندو ويجي ٿو. شروع کان وٺي آخر تائين انهن تبديلين جي روايت کي پرکيندي، ادب جي روايت سان ان جو ميل ڏيکارڻ ئي ”ادب جي تاريخ“ سڏيو ويجي ٿو“. (15)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ادبي تاريخ کي هيئن بيان ڪري ٿو:

”ادبي تاريخ، جيئن ته نالي مان ظاهر آهي ادب جي انگن، اکرن، لاڙن ۽ لکڻ وارن جي ڪاوشن جو جائزو آهي. اهو زماني جي مدِنظر تاريخ وار ونجي ٿو. جنهن ۾ ليکڪن جي سوانح ۽ شعرن توڙي نثري ڪاوشن کي پرک سميت درج ڪجي ٿو.“ (16)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي مطابق:

”عام فهم زبان ۾، ادبي تاريخ لکڻ جو مطلب آهي ادب جي اندر ڪي اهڙا سلسلا (Series) مقرر ڪرڻ جي پنهنجي اندر ارتقائي قوت رکندا هجن ۽ جن جو تعلق ٻين علمن سان گهٽ پر انسان جي ادبي سوچ ۽ اپت سان وڌيڪ هجي.“ (17)

ڊاڪٽر ضياالحسن ادبي ادبي تاريخ کي هيئن بيان ڪيو آهي:

ترجمو ”ادبي تاريخ رڳو اديبن جي سوانح حيات نه آهي ۽ نه ئي محض فن پارن جي اديبن جو گوشوارو آهي بلڪ شعر ۽ ادب جو اهڙو ارتقائي داستان آهي، جيڪو پنهنجي اندر نه ختم ٿيندڙ تحرڪ ۽ فعاليت کي سميٽيندو آهي. جنهن ۾ ادب، اسلوب، تخليق ڪار، معاشرو ۽ پڙهندڙ هڪ اهڙي نامياتي ڪُلَ ۾ ڍلجي ويندا آهن جتي هڪ کي ٻئي کان ڌار ڪرڻ ممڪن نه هوندو آهي.“ (18)

ڊاڪٽر تبسم ڪاشميري ادبي تاريخ متعلق پنهنجو رايو هيئن بيان ڪري ٿو:

ترجمو: ”ادبي تاريخ جي تعريف ڪندي اسان اهو چئي سگهون ٿا ته ادبي تاريخ ان داستان کي بيان ڪري ٿي جنهن جو تعلق ماضي سان آهي. اها ماضي جي واقعن، تصورن ۽ لاڙن جي داستان آهي. جنهن جي تخليق ڪنهن مخصوص دور ۾ ٿيندي آهي پر ان داستان جي هڪ ٻئي به جهت آهي اها هيءَ ته ادبي

تاريخ ماضيءَ ۾ پيش ايندڙ وارداتن جي علم ۽ ڄاڻ جو نالو پڻ آهي. ادبي مورخ جو بنيادي ڪم انهيءَ علم ۽ ڄاڻ کي دريافت ڪرڻ ۽ ان کي مناسب طور تي بيان ڪرڻ آهي. جيڪڏهن ادب جي ڪنهن به تاريخ ۾ علم ۽ ڄاڻ جي اها بصيرت نه ٿي ملي ته ان کي ادبي تاريخ جو درجو به نه ڏنو ويندو، اها تاريخ ماضي جي واقعن ۽ لاڙن جو هڪ تذڪرو بنجي رهجي ويندي.“ (19)

مختصر لفظن ۾ چئبي سگهجي ٿو ته ادبي تاريخ نه صرف اديبن ۽ شاعرن جي سوانح ۽ سندن لکڻين جو رڪارڊ آهي. ان سان گڏ ادب ۾ موجود نون لاڙن ۽ نين صنفن جو اڀياس پڻ. ان سان گڏ هر دور جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ فڪري حالتن جي ترجمان پڻ آهي.

### ادب ۽ تاريخ جو رشتو

تاريخ جي باري ۾ مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته تاريخ جو علم ماضي جي واقعن جي حقيقتن کان آگاهي جو علم آهي. جيستائين ادب ۽ تاريخ جي تعلق جو سوال آهي ته ادب ۽ تاريخ جو پاڻ ۾ گهرو رشتو آهي ۽ اهو بغير ڪنهن شڪ جي چئي سگهجي ٿو ته اهو تعلق ازلي ۽ ابدي آهي ڇاڪاڻ ته اگر تاريخ انساني عملن جي ڪارنامن، انهن جي تهذيب، ثقافت ۽ سندن عروج ۽ زوال جو اتهاسي رڪارڊ آهي ته ادب انهن جي احساسن، جذبن، خوابن، خيالن ۽ تاريخ جي سيني موضوعن جو تعميراتي ۽ اثرائتو اظهار ۽ عمل آهي. جيڪڏهن ادب ۽ تاريخ جو ارتقائي جائزو وٺبو ته تاريخ ڏند ڪٿائن سان شروع ٿئي ٿي ۽ ڏند ڪٿائون ادب جو بنياد آهن.

بقول پيرو مل:

”اڳي هندوستان، ايران، يونان ۽ ٻين هنڌ تاريخ، جاگرافي، گگول وديا ۽ جوتش وغيره جون ڳالهيون آکاڻين جي نموني ۾ لکندا هيا، ته ماڻهن کي ياد ڪرڻ ۾ سئوليون ٿين. هينئر اهو ساڳيو نمونو ڪي يورپي عالم اختيار پيا ڪن ۽ تاريخ، جاگرافي وغيره ڳالهين جي صورت ۾ پيا لکن ۽ اهوئي طريقو نهايت عمدو سمجهيو وڃي ٿو.“ (20)

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

”ڌرمي پستڪن ۾ لکيل ڏند ڪٿائن جي اڀياس مان يورپي عالمن کي سگهوئي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي ته ڏند ڪٿائون ڪن حقيقتن تان ٺهيل آهن ۽ بي بنياد ڪينهن. انهن حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ ضروري ڄاتائون ته اول اهي ڏند ڪٿائون سيني

ڏرمي پستڪن مان ڪيڏي ڪٺيون ڪجن. بس پوءِ گهٽاياڻون ٿي ڪين. هن وقت تائين هندن جي ويدن، اتهاسن ۽ پراڻن مان ايران، بئنبلونيا، اسيريا، مصر ۽ يورپ جي يوناني، رومن، سليٽڪ ۽ ٻين قومن جي ڏرمي پستڪن مان ڏند ڪٿائون ڪيڏي انهن مان ڪيترائي تاريخي احوال ڪيڏي جدا جدا ملڪن جون تاريخون جوڙيون اٿن بلڪ دنيا جي تاريخ به لکي اٿن. (21)

ان ڪري اها ڳالهه وثوق سان چئي سگهي ٿي ته ادب ئي تاريخ جو اصل خام مواد فراهم ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي اهو ئي قديم آثارن جي ڳولا جو سبب بڻيو ۽ پوءِ اهي ئي آثار اڳتي هلي تاريخ جي ارتقا ۾ پيڙهه جا پٿر ثابت ٿيا. اهڙي نموني تاريخ جي علم جي ابتدا ٿي. ڊاڪٽر الهداد بوهيو پنهنجي مضمون ”شعر جي اڀياس جا نوان طريقا“ ۾ تاريخ ۽ ادب جي پاڻ ۾ گهري تعلق کي هيئن بيان ڪيو آهي:

”ادب جو مورخ ۽ نقاد، تاريخ جي فلسفي جي پوري ڄاڻ کان سواءِ ادب سان انصاف نه ٿو ڪري سگهي، ڇو ته ادب جي تنقيد جو هرڪو نظريو، تاريخ جي ڪنهن نه ڪنهن نظرئي جو محتاج ٿئي ٿو ۽ نظرياتي خيال کان هڪ نمائينده تنقيد نگار اهو ئي آهي، جيڪو تاريخ جي هڪ مخصوص نظرئي جي تحت ادب جي تنقيد لکي ٿو. ان ڳالهه کي سمجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ادب، شاعري تاريخ کان الڳ رهي پاڻ کي موثر ۽ متحرڪ رکي نٿو سگهي. جهڙي ريت تاريخ قومن، تهذيبن، سياستن، رواجن، طبقن، عمراني ۽ طبعي حالتن، عدل ۽ انصاف جي معيارن ۽ ٻين اهڙن موضوعن سان تعلق رکي ٿي، تهڙي ريت ادب جا موضوع به اهي آهن.“(22)

اهڙي نموني اهو چئي سگهجي ٿو ته تاريخون ٻن قسمن جون ٿين ٿيون. هڪڙيون اهي جيڪي صرف ۽ صرف حڪمران يا بادشاهه لکرائين ٿا جن ۾ هو پنهنجن ڪارنامن، ڪاميابين، رهڻي ڪهڻي ۽ ملڪي حالتن کي قلمبند ڪرائين ٿا ۽ ٻيون اهي تاريخون آهن جيڪي تاريخدان ماضيءَ جي باري ۾ کوجنا ڪري لکندا آهن. جنهن ۾ هو عوام جي زندگين کي تاريخ جو مواد بڻائيندا آهن. ان سان گڏو گڏ هو ان دور جي سماجي، معاشرتي، ثقافتي تاريخ کي پڻ پيش ڪن ٿا. ان لاءِ اهي ان دور جي قصن، داستانن، شعرن ۾ ڪم آيل نالن، واقعن، روايتن جي آڌار تي پنهنجي تخليق کي مستند بنائين ٿا. مطلب ته ادب ۽ تاريخ جو رشتو پاڻ ۾ تمام گهرو آهي. ان ۾ ادب کي اوليت ۽ بنيادي حيثيت حاصل آهي.

بقول ڊاڪٽر قاضي خادم:

”هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ جيڪڏهن ادب نہ هجي ها يا ادب اظهار جو وسيلو نہ هجي ها تہ شايد هيءَ دنيا ترقي ڪري ئي ڪانہ سگهي ها. شايد انسان کي پنهنجي ماضيءَ جي ڪا ڄاڻ نہ هجي ها. پنهنجي تاريخ نہ هجيس ها. هر قوم جي ڪلچر ۽ سڀيتا جو ماضي سندن ادب جي ذريعي محفوظ رهي ٿو. سنڌ جو مثال آڏو آهي. سنڌ جنهن جي تهذيب جا مڪمل نمونا اڄ توهان کي ملندا. ڪپڙن، زيورن، چوئنرن، جهوپڙين، هرن، ڏڳي ڳاڏين، ويندي ڪن قومن جي ريتن رسمن ۾ اڃا پراڻي سنڌ جيئري آهي. دودي چنيسر جا بيت سنڌ جي تهذيب جا شاهد آهن. لوئي لڄ بچائڻ، پڳ جو مان، عورتن جي عزت ۽ احترام هي سڀ ان ۾ محفوظ آهن.“ (23)

اڳتي وڌيڪ شاهہ لطيف جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:

”اسان وٽ لطيف آهي، جنهن سنڌ جي سچي نقشي کي پنهنجي ڪلام ۾ محفوظ ڪيو آهي. هن پنهور جي ذڪر ڪيو آهي تہ گرنار جو بہ، ٿر جي واري بہ ڏني اٿس تہ ڪوهستان جو هنگلاج بہ، ڪارونجهر جي عظمت جو بيان بہ ڪري ٿو تہ ڪينجهر جي محبت جو بہ. اسان جي تحقيق جو محور لطيف آهي. جيڪڏهن اسين صرف لطيف جا پيرا کڻندا وڃون تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ اسان جي آڏو پنهنجي تاريخ پاڻ بيان ڪندي.“ (24)

مٿين حوالن مان ان ڳالهہ کي هٿي ملي ٿي تہ تاريخ ۽ ادب جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. جتي تاريخ بي زبان آهي تہ اتي ادب تاريخ لاءِ مواد فراهم ڪري ان لاءِ راهہ هموار ٿو ڪري ۽ گمشده ڪڙين کي ملائڻ ۾ تاريخ لاءِ رستو کولي ٿو. ڪي عالم ۽ دانشور ادب کي تاريخ تي فوقيت ڏين ٿا. انهن جي خيالن ۾ ادب تاريخ کان مٿاهون درجو رکي ٿو. ان حوالي سان پريشان خٽڪ لکي ٿو تہ:

ترجمو: ”ادب جي ابلاغ جو ذريعو قرطاس ۽ قلم آهي ۽ جيڪا شيءَ ڪاغذن تي لکي وڃي ٿي اها پنهنجي روشني نسلن تائين پکيڙيندي ويندي آهي ۽ ائين ادب جي حيثيت تاريخ جيان ٿي وڃي ٿي پر تاريخ ۽ ادب جو فرق برقرار رهي ٿو. ادب تاريخ کان هڪ ممتاز حيثيت ۽ درجو رکي ٿو بلڪہ ائين چئي سگهجي ٿو تہ انساني ذهن جي بين ڪاوشن ۾ پڻ هڪ الڳ ۽ اعلى مقام رکي ٿو.“ (25)

ان سلسلي ۾ هو وڌيڪ لکي ٿو تہ:

ترجمو:"اديبن ۽ شاعرن پنهنجي دور ۾ جيڪو ادب پيدا ڪيو اچ اهو اڪثر تاريخدانن جي جانبدار لکڻين کي جهٽلائڻ جو مقدس فرض ادا ڪري رهيو آهي. اسان پري نہ وڃون اردو ادب جي "شهر آشوب" ئي سامهون رکون تہ شاعر ۽ تاريخدان جي قلم ۽ انهن جي ذهنن جي حقيقت پسندي ۽ حقيقت نگاري پرکي سگهون ٿا ۽ انهن ۾ نمايان فرق محسوس ڪري سگهون ٿا. چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ ادب جو دامن وسيع آهي جو انساني ذهن جي هر ڪاوش ادب جو حصو بڻي. ادب جي دامن ۾ سائنس، فلسفو، تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب و تمدن سڀ ڪجهہ سمائجي ويو." (26)

مٿي ادب ۽ تاريخ جي رشتي تي مختلف عالمن ۽ دانشورن جي خيالن جي روشني ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ادب ۽ تاريخ جو پاڻ ۾ تمام گهرو تعلق آهي. ان گهري ۽ گهاٽي تعلق هئڻ جي باوجود بہ تاريخ ۽ ادبي تاريخ ۾ ڪجهہ اختلاف بہ آهن ۽ منجهن ڪي ڳالهيون مختلف آهن، بقول ڊاڪٽر ضياء الحسن:

ترجمو:"تاريخ ۽ ادب ۾ گهرا لاڳاپا آهن. تاريخي منظومات، تاريخي قصا، ناول، افسانا، تاريخ جا اهم ماخذ آهن. اهڙي طرح ڪنهن دور جي تمدني صورتحال جي باري ۾ ڄاڻڻ جو سڀ کان اهم ذريعو ادب ۽ فنون لطيفہ (Fine Art) آهن پر ان تعلق جي باوجود تاريخ ۽ ادبي تاريخ ۾ ڪجهہ اختلاف پڻ آهن. تاريخ نويسي جو بنيادي ذريعو وقائع نويسي آهي. جيتوڻيڪ تاريخ وقائع نويسيءَ کان سواءَ بہ آهي. ادبي تاريخن ۾ واقعن جو گهڻو تعلق تخليق ڪار جي حالاتِ زندگي سان آهي. سوانح نگاري ادبي تاريخ جو هڪ جزو آهي. ادبي تاريخ، تاريخ نويسي جو لازمي حصو آهي پر تاريخ نويسيءَ ۾ سياسي معاملن کي بنيادي حيثيت حاصل هوندي آهي. جڏهن تہ ادبي تاريخ نويسيءَ ۾ سياسي صورتحال محض پسمنظر جو ڪم ڏيندي آهي." (27)

## تاريخ ۽ ادبي تاريخ ۾ فرق

تاريخ لاءِ چيو ويندو آهي تہ اها سيني علمن جي ماءُ آهي. تاريخ جو بنياد خشڪ حقيقتن تي مبني هوندو آهي. ان ۾ تاريخ نويس پنهنجي پاران ڪنهن بہ قسم جي تبديلي، مبالغہ آرائي ۽ جذبات انگيزي جو جواز نٿو رکي. جڏهن تہ اديب کي ادب جي ميدان ۾ جذبات، زباني لطائف، مبالغي، اميدن جي بي اختيار اظهار ۽

ٻين سيني اهڙن ڳالهين جي اجازت هوندي آهي. جنهن جي مدد سان هو پنهنجي شاهڪار کي پُر اثر ۽ دلنشين بنائڻ جي لائق بنائي سگهي ٿو. ان کان سواءِ ٻيون بہ ڪجھ ڳالهيون آهن، جن جي بنياد تي تاريخ ۽ ادبي تاريخ جي فرق ۾ تميز ڪري سگهجي ٿي. جن کي هيٺ بيان ڪجي ٿو.

| | تاريخ | | ادبي تاريخ |
|---|---|---|---|
| 1 | تاريخ ماضيءَ جي اهم واقعن کي سادي انداز ۾ پيش ڪري ٿي. | 1 | ادبي تاريخ پڻ ماضيءَ جي واقعن کي پيش ڪري ٿي پر ان ۾ ادب جيان تخيل کان ڪم ورتو ويندو آهي. |
| 2 | تاريخ ۾ مادي وسيلن کي اهميت ڏني ويندي آهي. | 2 | ادبي تاريخ ۾ روحانيت ۽ انساني ذوق وجمال طرف توجھ ڏني ويندي آهي. |
| 3 | تاريخ ۾ گهڻو ڪري ملڪي ۽ سياسي واقعن کي بيان ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ بادشاهن، حڪمرانن، فوجن، انهن جي ڪاميابين ۽ ناڪامين جو ذڪر هوندو آهي. | 3 | ادبي تاريخ ۾ سياسي، سماجي حالتن سان گڏو گڏ انهن سياسي حالتن جي ڪري پيدا ٿيندڙ واقعن جي ردِ عمل ۾ جيڪي نوان لاڙا پيدا ٿيندا آهن انهن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. |
| 4 | تاريخ ۾ فقط بادشاهن، حڪمرانن ۽ انهن سان تعلق رکندڙ شخصيتن جو ذڪر هوندو آهي. | 4 | ادبي تاريخ ۾ شاعرن، اديبن ۽ ادب سان تعلق رکندڙ شخصيتن جو ذڪر هوندو آهي. |
| 5 | تاريخ جو لکندڙ گهڻو ڪري تاريخ، فلسفي ۽ سياسي علمن کان باخبر هوندو آهي. | 5 | ادبي مورخ ادب سان گڏو گڏ سياست، فلسفي، تاريخ، لسانيات، نفسيات وغيره کان پڻ واقف هوندو آهي. |
| 6 | تاريخ نويسي جو بنيادي ذريعو واقعہ نويسي آهي. | 6 | ادبي تاريخ ۾ واقعن جو گهڻو تعلق تخليق ڪار جي حالت زندگي سان هوندو آهي. |
| 7 | تاريخ ڪنهن بہ خطي جي سياسي حالتن کي پيش ڪري ٿي. | 7 | ادبي تاريخ ڪنهن بہ خطي جي تمدني حالتن کي پيش ڪري ٿي. |
| 8 | تاريخ جو لکندڙ گهڻو ڪري جانبدار هوندو آهي. | 8 | ادبي مورخ غير جانبدار هوندو آهي. |
| 9 | تاريخ نويسيءَ ۾ واقعن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو ويندو آهي. | 9 | ادب جيئن تہ معاشري جو چٽو آئينو هوندو آهي. ان ڪري ادبي تاريخ پڻ ڪنهن بہ خطي جي حقيقي تصوير هوندي آهي. |

| | تاريخ | | ادبي تاريخ |
|---|---|---|---|
| 10 | تاريخ جو لکندڙ پنهنجي محدود دائري ۾ رهي تاريخ جو سفر ڪري ٿو. | 10 | ادبي مورخ، تاريخ جي سيني شعبن تي هڪ ئي وقت نظر وجهندي اڳيان وڌي ٿو. |
| 11 | تاريخ لکندڙ جوڪم صرف واقعن ۽ حقيقتن تائين محدود هوندو آهي. | 11 | ادبي مورخ واقعن ۽ حقيقتن کان هڪ قدم اڳتي ڪنهن دور، رجحان، نظرئي يا شخصيت جي باري ۾ هڪ بصيرت (Vision) مهيا ڪري ٿو. |
| 12 | تاريخ هڪ گهرو سمنڊ آهي جنهن ۾ هر طرح جون لهرون نڪرن ٿيون. | 12 | ادبي تاريخ هڪ اهڙي لهر آهي جنهن سان پوري سمنڊ جي گهرائي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. |
| 13 | جيڪڏهن تاريخ هڪ جسم آهي | 13 | ته ادبي تاريخ روح آهي. |

**حوالا:**


1) علامه آءِ آءِ قاضي، مضمون: ”ادب ۽ زندگي“ ڪتاب، ادب، زندگي ۽ سماج، مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي، جون 2006ع، ص، 54

2) هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، مهاڳ، ڪتاب، ادب، زندگي ۽ سماج، ساڳيو

3) صديقي، ابوالاعجاز حفيظ مرتب، ڪشاف تنقيدي اصطلاحات، اسلام آباد، مقتدره قومي زبان پاڪستان، جولائي، 1985ع، ص، 9

4) ميمڻ، محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ (ٻئي ڀاڱا)، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو ڇوٿون، ڊسمبر 2005ع، ص، 15

5) هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو، ڄامشورو، انسٽي ٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 2009ع ص، 20

6) مبارڪ علي، ڊاڪٽر، تاريخ شناسي، لاهور، فڪشن هائوس، 1993ع، ص، 24

7) اردو، دائره معارفِ اسلاميه، لاهور، دانش گاه پنجاب، جلد ڇهون، ڇاپو پهريون، 1962ع، ص، 38

8) ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، ڪراچي، ڪاٺياواڙ اسٽورز، 2009ع، ص، 6

9) رضوي، محمد الياس، تاريخ جي تعليم جا اصول، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 2006ع، ص، 15

10) ساڳيو، ص، 16

11) ابن خلدون، علامه عبدالرحمان، مقدمه ابن خلدون (حصو پهريون) مترجم: مولانا راغب رحماني، ڪراچي، تنقيد اڪيڊمي اردو بازار، ڇاپو ڏهون، سيپٽمبر، 1986ع، ص، 159

12) ساڳيو، ص، 207

13) ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر، مقالو: ”سنڌي ساهت جو اتهاس: هڪ تحقيقي جائزو“، ڪلاچي، تحقيقي جرنل، جلد ٻارهون، شمارو ٻيو، ڪراچي، شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، جون، 2008ع، ص، 29

14) آڏواڻي، پيرومل، مهرچند، ديباچو، ڪتاب، قديم سنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون، 1980ع، ص، 5
15) ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر، مقالو: ”سنڌي ساهت جو اتهاس هڪ تحقيقي جائزو“، ساڳيو، ص، 70
16) جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، زنبيل، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 2010ع، ص، 472
17) الهداد، مضمون ”ادبي تاريخ ۽ ان جا مسئلا“ ڪراچي، ماهوار نئين زندگي، آگسٽ، 1971ع، ص، 31
18) ضياءُ الحسن، ڊاڪٽر، مقالو: ”ادبي تاريخ نويسي ۾ تاريخي شعور ڪي اهميت“ ڪتاب، ادبي تاريخ نويسي، مرتبين: ڊاڪٽر سيد عامر سهيل، نسيم عباس احمر، لاهور، پاڪستان رائٽرز ڪو آپريٽو سوسائٽي، 2010ع، ص، 245
19) تبسم ڪاشميري، ڊاڪٽر، مقالو: ”اردو ادب ڪي تاريخ ڪيسي لکي گئي“، ساڳيو، ص، 89
20) آڏواڻي، پيرومل، مهرچند، قديم سنڌ، ساڳيو، ص، 4
21) ساڳيو
22) الهداد ٻوهيو، مقالو: ”شعر جي اڀياس جا نوان طريقا“، ڪتاب: ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري، مرتب، جامي چانڊيو، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2007ع، ص، 334
23) قاضي خادم، مضمون: ”ادب جو تاريخ سان لڳ لاڳاپو“، ڪتاب، ادب ۽ روايتون، مصننف، ساڳيو، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر، سيپٽمبر 1992ع، 37
24) ساڳيو
25) خٽڪ، پريشان خان، مقالو: ”اديب اور مملڪت“ ڪتاب، مقالات ڪُل پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس، اسلام آباد، اڪادمي ادبيات پاڪستان، 1980ع، ص، 63
26) ساڳيو
27) ضياءُ الحسن، ڊاڪٽر، مقالو: ”ادبي تاريخ نويسي ۾ تاريخي شعور ڪي اهميت“ ساڳيو ص، 242